# پاڪستان جا نوان نواب

عائشه صديقه

---

1950ع جي ڏهاڪي جي شروع کان وٺي حاضر سروس ۽ رٽائرڊ فوجين کي ڏيڻ لاءِ ملڪ جي لکين ايڪڙ زمين حاصل ڪئي آهي. هڪ اندازي مطابق، ٽوٽل ملڪ جي زمين جو 12 سيڪڙو هڪ ڪروڙ ويهه لک ايڪڙ زمين فوج وٽ آهي. جنهن مان 62 سيڪڙو پنجاب، 27 سيڪڙو سنڌ ۽ 11 سيڪڙو سرحد ۽ بلوچستان ۾ آهي. اٽڪل 70 لک ايڪڙ زرعي زمين فوج جي ڪنٽرول ۾ آهي ۽ ان جو ملهه اٽڪل 700 ارب آهي. اها ڳالهه دلچسپي کان خالي نه آهي ته فقط هڪ لک ايڪڙ زمين سڌو سنئون فوج ۽ ان جي هٿ هيٺ ڪمپنين فوجي فائونڊيشن، اي ڊبليو ٽي ۽ بحريا فائونڊيشن جي استعمال هيٺ آهي. باقي سموري زمين تمام گهٽ قيمت تي فوجين کي رشوت ۾ ڏني ويئي آهي.

زرعي زمين فردن کي انعام ۾ ڏيڻ جو رواج برطانيا کان ورثي ۾ مليل آهي. پنجاب جي زمين جاگير طور ڏيڻ جو قانون (پنجاب الائينيشن آف لينڊ ايڪٽ 1900) بئراجي زمين برطانوي مفادن لاءِ جاگير طور ڏيڻ جي ضمانت ڏئي ٿو. ان قانون ۾ پاڪستان حڪومت 1965ع ۾ ڪجهه ترميم ڪئي ۽ اهو سڄي ملڪ جو قانون بڻايو ويو.“

”....... ڏهاڪن کان ان قانون هيٺ زمين فوجي آفيسرن حوالي ٿي رهي آهي. سنڌ ۾ ڪوٽڙي، گڊو ۽ غلام محمد بيراجن جي لڳ ڀڳ 90 لک ايڪڙ زمين جو 10 سيڪڙو فوجين کي ڏنو ويو. سرڪار ڪجهه سينيئر سول ڪامورن کي پڻ زمين ڏني، جيڪي فوجي دور جا ساٿاري هئا. جن کي فوجي مقصدن لاءِ مخصوص زمين ڏني ويئي، انهن مان جنرل ايوب خان (247 ايڪڙ)، جنرل محمد موسیٰ (250 ايڪڙ) ۽ ميجر جنرل امرائو خان کي (246 ايڪڙ) زمين ڏني وئي. آڪٽوبر 1958ع ۾ ملڪ تي فوجي قبضي کان پوءِ، گڊو بئراج جي وڌيڪ زمين فوجي آفيسرن کي الاٽ ڪئي وئي.

”..... اها وسيلن تي هڪ هٿي ٿي ڪروڙ بي زمين هارين جي ملڪ ۾ سخت ناانصافي واري آهي. يقينن بي زمين هارين کي زمين ڏيڻ ۽ انهن کي زمين پوکڻ لاءِ وسيلا مهيا ڪرڻ هن ملڪ جي حڪمرانن جي لاءِ اهميت جوڳي ڳالهہ نہ رهي آهي. معاشي ماهر اڪبر زيدي پنهنجي ڪتاب ”اشوز ان پاڪستانس اڪانامي“ ۾ لکيو آهي تہ ايوب ۽ ڀٽو دور ۾ ڪيل زميني سڌارن دوران زمين بي زمين هارين ۾ ورهائي نہ وئي هئي.

زمين تي فوجي ڪنٽرول ملڪ ۾ وڏي سماجي نا انصافي(غربت) کي هٿي وٺرائي آهي. جاگيردار طبقي جيان، فوج غريب آبادي جو خيال نہ ڪندي زمين حاصل ڪرڻ لاءِ طاقت جي استعمال لاءِ مشهور آهي. بهاول پور ۾ ڪيترائي مثال آهن تہ بي زمين هارين سالن جي سخت محنت سان زمين کي آبادي لائق بنايو تہ فوجي ڪامورا شاهي ڪانئن اها زمين کسي ورتي. نواز آباد تعلقي ۾ حڪومت اٽڪل 2500 ايڪڙ زمين مختلف فوجي آفيسرن کي انعام ۾ ڏني. سوين بي زمين هارين کي اتان زوريءَ بيدخل ڪيو ويو، جيڪي سالن کان اتي رهندڙ هئا. هڪ انٽرويو ۾ انهن هارين ان زمين تان ڪين ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ ڪانسواءِ بيدخلي خلاف احتجاج ڪيو، جيڪا غير آباد هئي ۽ انهن پنهنجي سخت محنت سان ان کي ريگستان مان گلزار بنايو هو. جڏهن هاري پنهنجو ڪيس ڪورٽ ۾ کڻي ويا تہ جونيئر فوجي آفيسرن انهن کي ڌمڪايو، قانون ٽوڙيو ۽ هارين کي چيو تہ ڪورٽون بہ انهن کي فوجي اختيارين کان بچائي نہ ٿيون سگهن. نواز آباد جي ڳوناٺن لاءِ جاگيردارن ۽ زميندار فوج ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي. هڪ مقامي عورت تمام سخت لهجي ۾ گهر ڪئي تہ، ”جيڪڏهن اسان لاءِ هتي ڪا جاءِ نہ آهي تہ پوءِ اختياريون اسان کي ٽرڪن ۾ ڀري هندستان ڇڏي اچن.“

نواز آباد هڪڙو مثال نہ آهي. فوج پاران آفيسرن ۽ فوجي مقصدن لاءِ زمين حاصل ڪرڻ دوران ٻين علائقن جي ماڻهن پڻ فوجي ڏنڊي جي استعمال جو مزو چکيو آهي. ڪراچي ويجهو يونس آباد ۾ پاڪستان نيوي ترندڙ جيٽي ۽ جنهن زمين تي اها ٻڌل هئي، ان زمين تي زبردستي قبضو ڪيو، جيڪا ڳوناٺن جي هئي ۽ اها مقامي ماڻهن خاص طور بيمارن کي هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ پهچائڻ لاءِ استعمال ٿيندي هئي. شمس پير جي پسگردائي جي ڳوناٺن لاءِ زمين تائين پهچڻ لاءِ اها جيٽي اڪيلو وسيلو هئي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾”نيوي جي غير

قانوني قدم" خلاف پٽيشن داخل ڪئي ويئي ۽ ڪيترائي خط نيوي جي انساني حقن جي لتاڙ خلاف ضلعي انتظاميہ کي لکيا ويا. رپورٽ مطابق ڪيترن ئي موقعن تي مقامي ڳوٺاڻا هراسان ڪيا ويا ۽ تشدد جو نشانو بنايا ويا. نيوي عوامي ٽريفڪ سان ڇيڙڇاڙ نہ ڪرڻ جي ڪورٽ حڪم کي بہ عزت نہ بخشي."

"...... اوڪاڙا فارم فوجي فارمن اوڪاڙا ۽ رينالا جو حصو آهي، جيڪي 1662 ايڪڙ ايراضي تي پکيڙيل آهن ۽ ان ايراضي تي بہ ڊيري فارم ۽ 22 ڳوٺ آهن. ان جي مک مالڪ پنجاب سرڪار آهي، جنهن اها زمين ٻين ماڻهن ۽ ادارن کي ليز تي ڏني آهي. هن خاص ڪيس ۾ فوج زمين، جيڪا انهن جي نہ هئي، جي لاءِ معاهدي جي شرطن کي بدلايو. ٻيو تہ زمين جي ليز جو مدو ورهاڱي کان اڳ 1947ع ۾ ختم ٿي ويو هو، جنهن کي وڌائي نہ ٿو سگهجي ان ۾ ڦيرڦار ڪئي. پنهنجا اختيار مڙهڻ لاءِ رينجرز بہ ڀيرا ڳوٺن تي چڙهائي ڪئي، ڪرفيو لڳايو، چرپر تي بندش وڌي، دوائن، ڪاڌي ۽ پاڃين جي پهچ بند ڪئي ۽ ٻيا بہ دٻاءُ جا طريقا استعمال ڪيا."

".... اوڪاڙا فارم معاملي تي تبصرو ڪندي آءِ ايس پي آر جي ڊائريڪٽر جنرل ميجر جنرل شوڪت سلطان چيو تہ، "فوج جي گهرجن جو فيصلو فوج پاڻ ڪندي ۽ / يا حڪومت ڪندي. ٻي ڪنهن کي بہ اهو چوڻ جو حق نہ آهي تہ فوج 5000 يا 17000 ايڪڙ زمين کي ڇا ڪندي. فوج جون گهرجون فوج پاڻ طئي ڪندي."

"اوڪاڙا واقعو اهو اشو نہ آهي تہ فوج پنهنجي زمين ڪيئن استعمال ڪرڻ چاهي ٿي. اهو اشو بہ ٻين گهڻن واقعن جيان پنهنجي قبضي هيٺ زمين جي قانوني نوعيت بدلائڻ لاءِ فوجي اختياري جي غير قانوني استعمال بابت آهي. فوج اي ون ڪيٽيگري واري زمين جي پيداواري مقصدن يا آفيسرن کي رشوت طور ڏيڻ لاءِ استعمال جي تبديلي جي رواج جي پوئيواري ڪئي آهي. پنجاب ۾ زرعي فارمن جي زمين گولف ڪورسن ۽ رهائشي اسڪيمن ۾ ڏني وئي آهي.

9/11 کان پوءِ ملڪ ۾ شهري جائيدان جون قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳيون آهن. ان مان سڀ کان وڏو فائدو حاصل ڪندڙ فوج آهي، جيڪا سرڪاري يا نجي ملڪيت واري زمين جي ڪيٽيگري بدلائڻ ۾ رڌل آهي."

”..... اهو پڻ ياد رکڻ گهرجي تہ فوج کي زمين جي منتقلي ملڪ کي املھ اثاثي کان محروم ڪري ٿي. سرڪاري زمين جي فردن کي منتقلي خاص طور سرڪار پاران فوج کي مهانگي امداد آهي، جنهن جي ماليات بابت ڪتابن ۾ ڪڏهن بہ ذڪر نہ ڪيو ويو آهي.“

”....... شهري ۽ غير شهري جائيدادون فردن کي رشوت ڏيڻ لاءِ استعمال ٿيون آهن. فوج جو نقطہ نظر هي آهي تہ اها فردن کي زمين ميرٽ تي ڏئي ٿي. اهو صحيح هوندو، پر اها ميرٽ ان ڳالھ جي وضاحت نہ ٿي ڪري تہ ڪيئن تمام سينيئر آفيسر کي اربين روپين جون مختلف ملڪيتون حوالي ٿيڻ بند ٿينديون.“

*(نيوزويڪ جي ٿورن سان)*

شهري ۽ ٻهراڙي جي پلاٽن جي اگهہ جي بنياد تي ٿيل هڪ جائزي مطابق فوج جي هڪ جنرل جو ملھ شهري جائيدادن جي اصطلاح ۾ ڪنهن بہ طرح 15 کان 40 ڪروڙ روپين کان گهٽ نہ آهي ۽ اهو هڪ رجعت پسنداڻو اندازو آهي. گهٽ سينيئر جنرلن جون ٻهراڙي ۽ شهرن ۾ ستن اٺن کان وڌيڪ جائيدادون آهن. مثال طور جنرل مشرف جي جائيدادن جي لسٽ ۾ ڊفينس سوسائٽي ڪراچي ۾ 2000 اسڪوائر يارڊ جي زمين، مرگلا راولپنڊي ۾ 1200 اسڪوائر جو پلاٽ، پشاور ۾ 900 اسڪوائر يارڊ جو پلاٽ، بهاول پور ۾ بہ اسڪوائر، ايسٽرج ۾ 600 اسڪوائر يارڊ ۽ گوادر ۾ 1200 اسڪوائر يارڊ زمين شامل آهي.

ڪنهن آفيسر کي زمين ڏيڻ جي ڪابہ حد مقرر ٿيل نہ آهي. مثال طور آفيسرن کي ڏنل زمينن جي لسٽ مطابق آءِ ايس آءِ جي هڪ ڊائريڪٽر جنرل کي 1991ع کان 1994ع تائين اٺ پلاٽ الاٽ ڪيا ويا ۽ اهڙي رپورٽ سينيٽ ۾ پيش ڪئي ويئي.

سرڪاري طور الاٽ ٿيل پلاٽن کان سواءِ سينيئر فوجي آفيسرن ڊفينس رهائشي اسڪيمن ۾ رعايتي اگهن تي زمين حاصل ڪن ٿا ۽ اهي پلاٽ هر هڪ جنرل جي ٽوٽل ملھ ۾ 50 لک کان هڪ ڪروڙ روپين جو واڌارو ڪن ٿا.

●●●